Funded by the European Union

Government of Sindh

unicef for every child



# Teacher Training Module: Sindhi

## Learning Cycle Five

لکڻ جي مَهارت

Sindh Technical Assistance – Development through Enhanced Education Programme (STA-DEEP)

Sindh Teacher Education Development Authority (STEDA)

Provincial Institute of Teacher Education (PITE) Sindh, Pakistan

Sukkur IBA University

THE AGA KHAN UNIVERSITY

## تربيت جو تعارف ۽ استدلال

### محترم استاد صاحبان!

مسلسل پيشه وراڻه واڌاري (CPD) جي پروگرام جي نئين مرحلي ۾ پليڪار. پوئين مرحلي ۾ اسان تدريسي مهارتن تي ڌيان ڏنو هو جنهن ۾ ڪلاس روم ۾ سکڻ واري عمل کي پرلطف بڻائڻ ۽ شاگردن جي فعال شرڪت ڪرڻ ۾ بهتر موقعو فراهم ڪرڻ جي حوالي سان اوهان جي مهارتن کي هٿي وٺرائڻ ۾ مدد ڪئي. نئين مرحلي ۾ اسان انهن تدريسي مهارتن جي مشق جاري رکنداسين ۽ رياضي، سائنس، انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ متعارف ڪرايل مواد جي جاڻ ۽ مهارتن جي باري ۾ به وڌيڪ پرائيندااسين. نتيجي ۾ توهان ڪلاس روم جي صورت حال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ وڌيڪ تيار ٿي ويندا ته جيئن مضمون جي علم سان لاڳاپيل جديد تدريسي حڪمت عملين جو استعمال ڪري سگھو.

### اسان جو نصب العين

اسان جو گڏيل مقصد سڄي سنڌ جي اسڪولن ۾ تدريس جي معيار کي بهتر بڻائڻ آهي. اسان چاهيون ٿا ته شاگرد سرگرم ۽ باهمي تعاون سان سکندڙ، مسئلا حل ڪندڙ ۽ تنقيدي سوچ رکندڙ بڻجن، جيڪي تخليقيت ۽ اعتماد سان ڪمن کي ڏسندڙ هجن. هو موضوع جي مواد جي باري ۾ تصوراتي طور تي واضح هجن ۽ ان مواد کي پنهنجي چوڌاري دنيا سان ڳنڍڻ جي مهارت رکندڙ هجن. ان کي ممڪن بڻائڻ جي لاءِ اسان کي بطور استاد، تعليمي ادارن ۾ ڪلاس روم جي گھرجن ۽ مضمون جي مواد جي لاءِ بهتر نموني تيار رهڻ گھرجي. اهڙي طرح، اسان جو مقصد انهن تربيتن کي پيشه وراڻه بڻائڻ آهي ته جيئن CPD جي استادن جا تربيتي ڪورس پنهنجو اثر ڏيکاري سگھن ۽ شاگردن جي ڪارڪردگي ۾ خاطر خواه تبديلي اچي.

## اسان جو تدريسي فلسفو

سي پي ڊي (CPD) جا تربيتي سيشنَ، هن تربيت سميت، هڪ شرڪتي تدريسي فلسفي جي پوئواري ڪن ٿا جنهن ۾ شرڪت ڪندڙ سرگرم ۽ پاڻ ۾ تعاون سان سکڻ کي لاڳو ڪري ۽ ان جي مشق ڪرڻ سان گڏوگڏ عمل ڪندڙن جي ڪميونٽي ٺاهڻ جي لاءِ پنهنجي ۽ ٻين ساٿين جي عڪاسي ۾ رُڌل هوندا آهن. مقصد نه رڳو تدريسي طريقن کي بهتر بڻائڻ آهي بلڪه توهان کي مضمون جي مواد جي نظريي ۽ حڪمت عملين کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيڻ آهي جيڪي شاگردن کي روزاني زندگي ۾ مواد کي اعتماد ۽ مهارت سان لاڳو ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

## توهان جي سهڪار ڪندڙ

تربيتي ماڊيول توهان جي ڪلاس روم جي تدريس ۾ توهان جي سهڪار ڪرڻ جي لاءِ جوڙيو ويو آهي. هي توهان کي مضمون جي مواد ۽ ڪلاس روم ۾ استعمال جي لاءِ ڪجهه طريقن سان متعارف ڪرائيندو. هي توهان جي تدريس کي وڌيڪ منظم ڪرڻ جوڳو بڻائيندو ۽ توهان کي هڪ هنرمند استاد طور وڌڻ ۾ مدد ڏيندو.

## مجتا/اعتراف

هي ماڊيول سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۽ آغا خان يونيورسٽي - انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊولپمينٽ، پرووانشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) جي هدايت هيٺ تيار ڪيو آهي. يونيسيف طرفان سنڌ ٽيڪنيڪل اسسٽنس ڊولپمينٽ ٿرو انهينسڊ ايجوڪيشن پروگرام (STA-DEEP) جي تحت سهڪار ڪئي وئي، جنهن کي يورپي يونين طرفان مالي مدد ڏني وئي.

اسان هيٺ ڏنل پاڱيدارن لاءِ خلوص دل سان ٿورائتا آهيون:

| | |
|---|---|
| سيد رسول بخش شاهه | ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، سنڌ ٽيچرس ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) |
| نصرت فاطمه ڪلهوڙو | ڊائريڪٽر جنرل پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) |
| ٽيڪم هرچنداڻي | ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيچر ٽريننگ انسٽيٽيوشنس سنڌ، حيدرآباد |
| ڊاڪٽر الطاف حسين سمون | ڊائريڪٽر ايگزيڪيوٽو ڊولپمينٽ سينٽر ايٽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر تڪبير علي | ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر آئوٽريچ ايٽ آغا خان يونيورسٽي، ڪراچي |
| ذوالفقار علي ٻيهڻ | ڊپٽي ڊائريڪٽر، ٽي ٽي آئز |
| ريحانه پروين | ڊپٽي ڊائريڪٽر، اسٽيڊا |
| سائمه ميمڻ | اسسٽنٽ پروفيسر، پائيٽ نوابشاهه |
| محمد پنهل | موڊيول ڊويلپر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر وحيد ڪلهوڙ | موڊيول رويوئير |
| نصرت سڪندر | انسٽرڪٽر جي اي سي اي ايم حيدرآباد |

| | |
|---|---|
| ارسلان احمد | موڊيول ڊزائينر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| عبدالجبار شاھ | موڊيول ڊزائينر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| سيد ڪامران شاھ | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| رابعه بتول | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| آصف ابرار | ايجوڪيشن اسپيشلسٽ، يونيسيف |
| ڊاڪٽر سليمه بيگم | ايجوڪيشن آفيسر، يونيسيف |
| محمد ذوالفقار علي | ايجوڪيشن ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |
| آفتاب احمد نظاماڻي | اسڪول ڪلسٽرنگ ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |

# لکڻ جي مَهارتَ

**سِکيا جي حاصلات** : هن تربيتي سيشنَ جي پڄاڻيءَ تي سکيا وٺندڙ ان قابل ٿي ويندا ته:






- لکڻ جي مهارتَ جي تعريف ۽ ان جي اهميت بيان ڪري سگھندا





- لکڻ جي بنيادي اصولن تحت درسي ڪتابن ۾ موجود لکڻ جي مهارت جون سرگرميون عملي طور پيش ڪري سگھندا



- لکڻ جي بنيادي اصولن تحت درسي ڪتابن ۾ موجود لکڻ جي مهارت جون سرگرميون عملي طور پيش ڪري سگھندا

## Session Plan سيشن جي رٿابندي

Instructional strategies/activities

| Materials/resources<br>گهربل سامان/وسيلا | Activities/learning experiences<br>سرگرميون / سکيا جا تجربا | Objective/purpose of the activity<br>سرگرمي جو مقصد | Time<br>وقت |
|---|---|---|---|
| | 1. سيني شرڪت ڪندڙن استاد صاحبان کي هن تربيتي پروگرام ۾ ڀليڪار چئو.<br>2. پروگرام جي باقائده شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪريو. جنهن لاءِ شرڪت ڪندڙن مان ڪنهن هڪ کي اڳيان گهرايو. | • ڀليڪار / شروعات ڪرڻ<br> | <br>10 منٽ |
| <br> | ذهني آمادگي (Motivation)<br>بورڊ تي هيٺيون لائينون ناهيو<br><br>1. شرڪت ڪندڙن کي جوڙن ۾ تقسيم ڪري انهن کي چئو ته انهن ليڪن کي پنهنجي نوٽ بڪ ۾ ٻه ٻه ڀيرا لکن. ۽ پوءِ سوچين ته انهن ليڪن جي مشق سنڌيءَ جي ڪهڙي ڪهڙي اکر لکڻ سيکارڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿي؟<br>2. پنجن منٽن کان پوءِ شرڪت ڪندڙن کي چئو ته جوڙن ۾ پنهنجوڪم ڪلاس آڏو پيش ڪن. | • ذهني آمادگي ڪرائڻ<br> | <br>10 منٽ |

<table>
<tr>
<td>35 منٽ</td>
<td>

- استادن کي مهارت لکڻ جي سرگرمين کان آگاهه ڪرڻ


</td>
<td>

مواد (درسي ڪتاب مان)

1. استادن کي ٻڌايو ته الف - بي جي 52 حرفن مان هر هڪ کي اکر چئجي ٿو جڏهن ته پنهنجي خيالن ،جذبن، مشاهدن ۽ تاثرن جو قلمي اظهار (لکڻ) آهي . (هنڊ آئوٽ نمبر 1 پڙهڻ لاءِ ڏنو وڃي.)

ان کان پوءِ سنڌي جا اکر لکڻ آسان ٿي ويندو.

مثال طور: اڀي ليڪ | سڌي ليڪ ______ اڌ گول ◡ پورو


گول ○ بيضوي گول

ٺاهڻ جي مشق ڪرڻ بعد هينيان اکر لکڻ آسان ٿي ويندا.

ا ← ج ← ص ← ن


2. اکر لکڻ جي مشق ڪرائڻ بعد شاگردن کي آواز لکرائڻ سيکاريا ويندا آهن. اکر سان اعراب (زير، زبر، پيش، مد، جزم) کي ملايو ته آواز ٿهندو آهي.

جو ← تو ← بي ← چي ← گي ← کي

با ← پا ← تا ← ڇا ← جا ← چا
</td>
<td>

</td>
</tr>
</table>



3. آواز سيڪارڻ ڪان پوءِ اهڙا لفظ لکرائڻ جي مشق ڪرايو جنهن ۾ اکر پنهنجي منفرد شڪل ۾ موجود هجن.




4. ان ڪانپوءِ اکرن جي بدلجندڙ شڪل موجب مشق ڪرائي وڃي.

مثال :

اکر "ع" مختلف لفظن ۾ٽن مختلف نمونن سان لکيو ويندو آهي.

| | |
|---|---|
| اطلاع | ('ع' مڪمل شڪل ۾) |
| تعليم | ('ع' وچين شڪل ۾) |
| علم | ('ع' اڌ شڪل ۾) |

ابتدائي درجن ۾ لکڻ سيکارڻ ۾ اکرن تي پينسل ڦيرائڻ يعني Tracing ڏسي لکڻ ۽ صورتخطي پڻ لکڻ سيکارڻ جون سنيون حڪمت عمليون آهن.



| | | | |
|---|---|---|---|
| 10 منٽ | | BREAK | |
| <br>20 منٽ | • لکڻ جي مهارت جي مشق ڪرائي نمائش ذريعي موٽ ڏيارڻ.<br> | **مشق، (درسي ڪتاب مان تيار ڪيل)**<br>1. سکيا وندڙن کي گروپن ۾ ورهايو. ۽ هدايت ڏيو ته ’لکڻ‘ سيکارڻ جون سرگرميون تيار ڪن.<br>گروپ پهريون: لفظن جي ترتيب ناهي جملا نا هڻ<br>گروپ ٻيو: ٽيڪا ملائي اکر نا هڻ.<br>گروپ ٽيون: لفظن جي نقل ڪرڻ (خوشخطي)<br>گروپ چوٿون: صورتخطي لکڻ<br>گروپ پنجون: مناسب لفظ ووجهي خالي جڳهه ريي آڪاٽي مڪمل ڪرڻ<br>2. تربيت ڏيندڙ گروپن جي رهنمائي ڪري.<br>3. هن منصوبي تي پيشڪش Presentation جي تياري ڪرڻ<br>4. 10 کان 15 منٽن کان پوءِ گروپ کي چئو ته پنهنجي سبقي منصوبي جي پيشڪش Presentation ڪريو. |  |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | 5. هر پيشڪش کان پوءِ پهريان ٻين استادن کان feedback وٺو ۽ آخر ۾ پنهنجي جامع ۽ تعميري راءِ ڏيو. | |
|  35 منٽ | • سموري ڪارگذاريءَ جو حاصل مطلب بيان ڪرڻ.  | حاصل مطلب  1. سکيا وٺندڙن کي ٻن گروپن ۾ ويهاريو ويندو.<br>2. تربيت ڏيندڙ سموري ڏينهن جي ڪاروائي جو نِچوڙ لکندا.<br>3. تربيت ڏيندڙ سيني سکيا وٺندڙن جا تاثر لکيل پنا وٺي ٻئي گروپ ۾ ورهائي ڏيندو ته جيئن هڪ گروپ جا لکيل تاثر ٻئي گروپ جي ميمبر کي مِلن.<br>4. سکيا وٺندڙ کي چئو ته هو مليل تاثر کي جانچي ان تي پنهنجي راءِ لکي، ان جي اصل لکندڙ کي واپس ڪندا.<br>5. سکيا وٺندڙ پنهنجا مونجهارا ۽ رايا پيش ڪندا. |  |

# لکڻ جي مهارت

’لکڻ‘ ٻولي جي سکيا ۾ تدريس جو اهم جُزو آهي. اهو ٻين ٻولي جي مهارتن جي مقابلي ۾ ڏکيو عمل آهي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ اکيون، هٿ، ٻانهون ۽ ذهن سڀ استعمال ٿيندا آهن لکڻ لاءِ ضروري آهي ته ٻار نه صرف اکر جي مختلف شڪلين ۽ ان جي ملائڻ کان واقف هجي پر پنهنجي هٿن سان انهن کي صحيح طور تي ڪاغذ تي لکي به سگهي. الف - بي جي 52 حرفن مان هر هڪ کي اکر چئجي ٿو جڏهن ته پنهنجي خيالن، جذبن، مشاهدن ۽ تاثرن جو قلمي اظهار (لکڻ) آهي. لکڻ سيکارڻ لاءِ ضروري آهي ته لکڻ کان پهريان ڪجھ ليڪن جي مشق ڪرائي وڃي اهو پستالوزي طريقو آهي.

حقيقت هي آهي، ته جيڪڏهن تحرير يا لکت جو وجود نه هجي ها ۽ تحرير جي ذريعي علم جي ذخيري کي محفوظ ڪري ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ جو بندوبست نه ٿي ها ته شايد علم جي ترقيءَ جي سفر کي جاري رکي نه سگهجي ها. لکت جي سماجي زندگيءَ ۾ به وڏي اهميت آهي پري پري رهندڙ دوستن ۽ عزيزن کي رسائڻ تجارتي ۽ ڪاروباري معاملن ۾ به لکت کي وڏي اهميت حاصل آهي کي معاملا اهڙا هوندا آهن جن کي لکت جي صورت ۾ نه سانديو وڃي ته معاشرو گهڻين مشڪلاتن جو شڪار ٿي وڃي ٿو. تحرير جي مدد سان اسان پنهنجي زندگيءَ جو ڪار وهنوار بهتر نموني سان هلائي سگهون ٿا. ان ڪري ضروري آهي ته مختلف دلچسپ طريقن ۽ سرگرمين جي مدد سان ٻارن کي لکڻ سيکاري ان جي مشق ڪرائي وڃي ته جيئن منجهن لکڻ جون صلاحيتون پيدا ٿين.

# لکڻ جي مهارت جو تدريسي سرگرميون ۽ حڪمت عمليون

- **الف - بي جي چارٽ** / **الف - بي لکڻ سيڪارڻ**
- (الف بي وارو طريقو: اکر + پد + **لفظ** + **جملو** + عبارت)
- **ترڪيب**: اکر جوڙي لکڻ
- **تحليل**: لفظن کي توڙي لکڻ
- هوا، پاٽيءَ ۽ واريءَ تي لکڻ.
- لفظن جي ذخيري جي فهرست نهرائڻ. جهڙوڪ: پاڇين، ميون، فصلن، پکين، جانورن جي لغت، بنيادي گرامري لغت، گهرو سامان لغت
- آڪاٽي لکائڻ.
- مضمون لکائڻ.
- خوشخطيءَ جا مقابلا ڪرائڻ.
- .شاگردن کان تصويرن بابت جملا لکرائڻ.
- تصويرن جي مدد سان ڪهاڻي مڪمل ڪرائڻ.
- ٻارن کان سندن تجربن بابت جملا لکرائڻ , ٻارن کان ننڍا ننڍا امري جملا لکرائڻ.
- جي لاءِ مواد ۾ ڏنل سرگرمين کي نظر ۾ رکي ڪري غور سان پڙهن ۽ گروپ ۾ اتفاق رائي سان هيٺ ڏنل ڪم ڪن.
- لکڻ سيڪارڻ جي هڪ سرگرمي جي چونڊ